

ADVANCE SOCIAL SCIENCE ARCHIVE JOURNAL
Available Online: https://assajournal.com
*Vol. 3 No. 01, Jan-March (2025)*. Page#.2241-2247
Print ISSN: 3006-2497 Online ISSN: 3006-2500
Platform & Workflow by: Open Journal Systems
https://doi.org/10.5281/zenodo.19826612

# EXPLORING THE USE OF MULTIMODALITY LINGUISTIC MODAL FOR SINDHI LANGUAGE TEACHING: A CASE STUDY OF SIBA, GCE, AND SLA TEACHING CENTER SUKKUR

## سنڌي ٻولي تدريسَ لاءِ ”گهڻ_رنگي لِسانياتي طريقي“ جَي استعمال جِي ڳولها

## سکر آءِ بي اي، جِي سِي اِي سکر ۽ سنڌي ٻولي اختياري سکر مرڪز جو اڀياسي نمونو

**Dr. Abdul Waheed**
Associate Professor, Govt. College of Education, Sukkur
waheedkalwar@outlook.com

**Abstract**
*This study aimed to explore existing practices, challenges, and opportunities related to incorporating multimodal strategies into Sindhi language teaching in teacher education institutions at the bachelor's program level. It also highlights areas where the Sindhi language teaching might benefit from multimodal linguistic approaches. For this study, a multiple case study approach was used. Sindhi language teachers and their students from SIBA, GCE Sukkur, and SLA Center Sukkur were selected as research participants. Semi-structured interviews and classroom observations were used for data collection. The thematic analysis technique was used to analyze the data. In addition, Multimodal composed projects on linguistic topics created by student-teachers were also examined. The findings revealed that the majority of Sindhi language teachers were using traditional teacher-centered teaching methods with written and spoken forms, in which explanatory grammar and other linguistic knowledge were being transferred, and were not useful for students to improve their speaking, reading, and writing skills. Even student-teachers were not so familiar with Sindhi phonetics and grammar. The majority of their teachers were also incapable of using modern digital pedagogies. The critical analysis of data shows examples of multimodal approaches that can be successfully integrated in Sindhi language teaching, which emphasizes the importance of embracing multimodal linguistic knowledge in Sindhi language education. This discusses the broader pedagogical implications of incorporating multimodality in Sindhi language teaching for teacher education programs in Sindh.*

***Keywords**: Sindhi Language Teaching, Teacher Education, Linguistics, Digital Learning, Integration of Multimodal Pedagogy, Sindhi Classroom Practices, Case Study, Qualitative Research.*

## 1. تعارف

هي اڀياس بنيادي طور استادن جي تعليم (ٽيچر ايجوڪيشن) ۾سنڌي تدريسَ لاءِ روايتي ۽ جديد مَلٽي مَڊيل تدريسَ جي استعمال جي جانچَ تي ٻَڌل آهي. هن ۾ سکر جي ٽِن ادارن؛ سکر آءِ بِي اي ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ، جِي سِي اِي سکر ۽ سنڌي ٻولي اثارٽي سِڪيا مرڪز سکر جي ڪيس اِسٽڊي ڪئي وئي آهي. اڀياسَ جو مقصد بيچلر ۽ ماسٽر سطح تي ٽيچر ايجوڪيشن جي شعبي ۾سنڌي ٻوليءَ جي تدريسَ لاءِ رائج طريقن جي جانچ ڪرڻ ۽ ملٽي مڊيل لِسانياتي ماڊلَ کي لاڳو ڪرڻ جي حوالي کان لاڳاپيل طريقن ۽ آزمائشن جي ڳولها ڪري حَلَ يا سِفارشون پيش ڪرڻ آهي. هي مطالعو اُنهن پاسن کي پڻ نمايان ڪري ٿو جن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تدريس کي ملٽي موڊل لسانياتي طريقن مان فائدو حاصل ٿي سگهي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ جي تدريس ڪي جن مختلف قسمن جي آزمائشن ڪي منهن ڏيڻو پيو آهي، تن مان هڪ روايتي استاد-مرڪزيت واري تعليم آهي، جنهن کي هاڻ مدي خارج تصور ڪيو وڃي ٿو. سنڌي ٻوليءَ جي تدريس کي جديد ڊجيٽل تدريسي طريقن سان ترتيب ڏيڻ جي ضرورت آهي، جهڙوڪ؛ جديد ”ملٽي موڊلٽي لسانياتي ماڊل، جنهن کي خاص ڪري انگريزي ٻوليءَ جي تدريس لاءِ، ڪاميابيءَ سان استعمال ڪيو پيو وڃي.

**گهڻ-رنگائپ ۽ گهڻ-رنگو تدريسي طريقو** (Multimodality & Multimodal Pedagogy)

معنويت جوڙڻ لاءِ ڪميونيڪيشن يا رابطي جي مختلف نمونن جهڙوڪ: لکت (Text)، بصري (Visual)، زباني (Oral) ۽ لِساني وغيره جي استعمال کي انگريزي اصطلاحَ ۾ مَلٽي مَڊيلٽي سڏجي ٿو. (01) ان کي سنڌيءَ ۾گهڻ-رنگائپَ چئي سگهون ٿا. ايئن ملٽي مَڊيل پيڊاگاجي يا گهڻ-رنگي تدريسَ ٻولي سِکيا جو هڪ اهڙو طريقو آهي جنهن ۾ رابطي جي مٿين صورتن يا نمونن کي گڏيل طور استعمال ڪيو وڃي ٿو. مَلٽي مَڊيل اسمَن جون ٻئي صورتون ٿين ٿيون يعني، ڇَپيَل ۽ ڊِجيٽل صورتَ. جهڙوڪ؛ پوسٽر، بروشر، ڊجيٽل رانديون، اِي اسٽوري، شارٽ وڊيو، آڊيو، ڊاڪومينٽري وغيره. اهڙيءَ طرح اها روايتي ڳالهايل ۽ لکيل صورت کان مختلف آهي.

ڊجيٽل ٽيڪنالاجيءَ جي ترقيءَ سان گڏ تعليمي ميدان ۾ به ملٽي مَڊيل ڪمپوزنگ جو استعمال وڌندو پيو وڃي. پروفيسر ميري ڪيلينٽِز جي بقول،

”نوجوان سِڪندڙَ اڄوڪي مَلٽي ماڊل دنيا ۾ پيدا ٿيا آهن، ڪين گهڻا ڊجيٽل ذريعا مَيَسَر آهن. اسان تعليمدانن لاءِ مسئلو آهي ته سندن گهر توڙي ٻين هنڌن جي ڪِرت ۽ اسڪولن جي پڙهائيءَ واري انداز کي ڪيئن هڪ ڪريون؟ ضروري آهي ته مختلف ڊجيٽل نمونن کي تعميري ۽ مشغولي انداز سان ڪلاس رُوم ۾ آڻيون.“ (02)

سنڌي ٻولي سِکيا لاءِ به ساڳيو مسئلو درپيش آهي جو سنڌي پڙهندڙ شاگرد به اسڪرين جو هيراڪ آهي.

**روايتي ۽ مَلٽي مڊيل تدريسَ جو تقابلي جائزو**

روايتي تدريسَ ڳالهايل ۽ لکيل صورتن سان استاد مرڪزيت واري (Teacher Centered) ٿئي ٿي، جيڪا نسبتا آسان ۽ گهٽ اثرائتي هوندي آهي. هن ۾ شاگردَ دلچسپي ۽ ڌيان گهٽائي ويهن ٿا. انهن جي تعميري ۽ مشغولي انداز ۾ سکيا ڪونه ٿي ٿئي. ٻين مضمونن جي ڊجيٽل تعليمَ واري ماحولَ جي ڀيٽَ ۾ روايتي انداز سان ٻولي تعليمَ کين غير دلچسپ ۽ غير اهم لڳي ٿي. پر پوءِ به هٿ وس آسان رسائيءَ ڪارڻ عام طوران کي ئي ترجيحَ ڏني ويندي آهي. ٻئي پاسي مَلٽي مَڊيل گهڻ-رنگي تدريسَ گهڻين شڪلين صورتن سان شاگرد-مرڪزيت واري (Student-Centered) هئڻ ڪري دلچسپ، تعميري ۽ مشغول رکندڙ هوندي آهي. پر اها ڊجيٽل مهارتن ۽ ذريعن جي گهُرجائُو هئڻ سان گڏ خرچائُو به آهي تنهنڪري اڪثر غير ترجيحي ۽ غيرفعال بڻجي وڃي ٿي.

**گهڻ-رنگي تدريسَ ۽ گهڻ_قِسمي ذهانت جو نظريو** (Theory of Multiple Inelegances and Multimodal Pedagogy)

ملٽيپل اِنٽيليجَنس يا گهڻ_قسمي ذهانت جي نظريعي مطابق ماڻهن وٽ هڪ نه پر مختلف قسم جون ذهانتون آهن جهڙوڪ؛ لسانياتي، منطقي-رياضياتي، بصري، موسيقي، سماجي، شخصي، قدرتي ۽ وجوديتي.(03) گهڻ-رنگي تدريس مطابق ماڻهو ڪميونيڪيشن جي مختلف طريقن جهڙوڪ لساني، بصري، صوتي، اشاري ۽ فضائي عنصرن ذريعي سِکن ٿا. هن ۾ رابطي جي مختلف ڇَپيَل ۽ ڊجيٽل اسمن يا نمونن کي گڏيل طور استعمال ڪيو وڃي ٿو. جهڙوڪ؛ پوسٽر، بروشر، رانديون، ڊجيٽل اسٽوري، شارٽ وڊيو، ڊاڪومينٽري وغيره. مٿيان ٻئي اصطلاحَ لاڳاپيل آهن. ٻئي نظريا ڄاڻائن ٿا ته ماڻهو ڪيترن ئي طريقن سان سکن ٿا. تنهن ڪري ٻئي سفارِش ڪن ٿا ته تدريسَ ۽ سِکيا جي عمل کي انهن مختلف ذهانتن ۽ طريقن کي پورو ڪرڻ لاءِ ترتيب ڏنو وڃي.

## 2. اڳوڻي ڪَمَ جو جائزو (Literature Review)

دنيا ۾ لِساني تعليمَ لاءِ مَلٽي مَڊيل تدريسي طريقي جي استعمال تي ڪافي تحقيق ٿي آهي. مَلٽي مڊيلٽي جو اصطلاح 1990 جي ڏهاڪي ۾ گهڙيو ويو ۽ هاڻ تعليمي ميدان ۾ گهڻو استعمال ٿئي پيو. ان کي لِٽريسيءَ جي پراڻي تصور جي متبادل طور ڏنو پيو وڃي.

سنڌي تعليمَ ۾هو اصطلاح نئون آهي ۽ اڳ ان جي استعمال تي ڪوبه اڀياس ڪونه ٿيو آهي. البت ٻولي سِکيا تي سنڌيءَ ۾ چند ڪتابَ ڇپيل آهن جيڪي هاڻ پراڻا ۽ مُدي خارج ٿي چڪا آهن. جديد تدريسي طريقي تي مواد جي کوٽ آهي. بي ايڊ

آنرز لاءِ پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ (پي آر پي) پاران جوڙايل ڪورس گائيڊ ”سنڌي تدريسَ“ موجود آهي جيڪو هائر ايجوڪيشن ڪميشن پاران منظور به ٿيل آهي. ( ) اهو تقابلي طور بهتر ۽ سرگرمين پريو آهي پر مَلٽي مَڊيل هدايتن وارو نه آهي. سنڌي تدريسَ ۽ سِکيا لاءِ هڪ جديد ملٽي مڊيل ڪورس گائيڊ جي ضرورت آهي. (04)

## 3. تحقيقي طريقي ڪار (Research Methodology)

تحقيقَ لاءِ مختلف اپياسي نمونن (Case Studies) واري طريقي کي استعمال ڪندي، سکر آءِ بي اي ٽيچر ايجوُڪيشن ڊپارٽمينٽ، گورنمينٽ ڪالج آف ايجوڪيشن سکر ۽ سنڌي لينگئج اٿارٽي سکر مرڪز ۾ پڙهندڙ سنڌي ٻوليءَ جي چونڊ شاگرد-استادن ۽ سندن تربيتڪارن کي اپياس جي جاچ ڏيندڙ طور چونڊيو ويو. استادن جا انٽرويو ۽ ڪلاس روم جا مشاهدا ڪرڻ ۽ فِيلڊ نوٽس جا طريقا معلومات (Data) گڏ ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيا ويا. ڊيٽا جو تجزيو ڪرڻ لاءِ موضوعي تجزيي ( Thematic Analysis)جي حڪمت عمليءَ جو استعمال ڪيو ويو. ان ڪان سواءِ، شاگرد-استادن پاران تيار ڪيل لِسانياتي موضوعن تي مَلٽي مڊيل ڪمپوزنگ منصوبن جو پڻ جائزو وٺي ڏٺو ويو ته اَنهن مختلف سونپيل ڪمن کي ڪيئن پورو ڪيو.

### 3.1تحقيقي سوالَ:

- چا سنڌي پڙهائڻ لاءِ ملٽي موڊيل طريقو ڊيجيٽل ذريعن سان اختيار ڪري سگهجي ٿو؟
- چاٽايل ٿنهي ادارن ۾ سنڌي تدريسَ جي روايتي توڙي ملٽي مڊيل پيڊاگاجيءَ جي حوالي ڪان صورتحال ڪهڙي آهي؟
- روايتي تدريسي طريقي جي ڀيٽ ۾ ملٽي مڊيل طريقي جي اثرائتي هئڻ بابت استادن ۽ شاگردن جي راءِ ڪهڙي آهي؟
- چا استادَ ۽ شاگردَ سنڌيءَ ۾ ڊجيٽل ڪمپوزنگ جي مهارتَ رکن ٿا؟ ۽ انهن پاران جوڙيل ڊجيٽل منصوبا ڪيترا ڪارگر آهن؟

## 4. تجزياتي نتيجا (Results)

اپياسي نموني طور جانچ هيٺ آيل ٽن ادارن بابت گڏ ڪيل معلومات جو تجزيو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

**سکر آءِ بي اي ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ** ۾ مُکيا طور اَرلي چائيلڊ (E.C) ڊپلوما ۽ بي ايڊ آنرز جا پروگرام هلندڙ آهن. اِي سِي پروگرام ۾ سنڌي سبجيڪٽ شامل ئي ڪونهي! بي ايڊ جي ٻين سيمسٽر ۾ سنڌي ڪنٽينٽ ۽ پيڊاگاجي گڏائي پڙهائي وڃي ٿي! ( جڏهن ته ساڳي پروگرام جي اسڪيم آف اسٽڊيز ۾ اهي پهرين ۽ ٽين سيمسٽر ۾ ڌار ڌار رکيل آهن) اتي 30 شاگرد آهن، ۽ هڪ اسسٽنٽ پروفيسر استاد مقرر آهي، جنهن جي انگلِش لِنگئسٽڪس ۾ ايم فِل سان گڏ سنڌي لٽريچر ۾ ايم اي پڻ ٿيل آهي. هُن ٻڌايو ته ”سنڌي تدريسَ“ جي ڪلاسَ ۾ مختلف حڪمت عمليون ۽ سرگرميون جهڙوڪ؛ گروپ ورڪ، پيئر شيئر، بحث مباحثو، سوال ۽ جواب، هينڊ آئوٽ ريڊنگ وغيره ڪرايون وينديون آهن. گڏوگڏ ٽيڪنالاجيءَ جي استعمال جا مختلف طريقا جهڙوڪ؛ پاورپوائنٽ پريزينٽيشن، شارٽ وڊيو، واٽس ايپ، ڀيڊليٽ وغيره به استعمال ۾ اچن ٿا.

هُن موجب، شاگردَ سنڌي پڙهڻ ۽ لکڻ جي مهارت ۾ ڪمزور آهن. انهن ۾ ڊجيٽل سنڌيءَ جي استعمال لاءِ دلچسپي آهي پر اهڙي مهارتَ ڪونهين. سندن موبائلن ۾ سنڌي ڪِي بورڊ آهي پر ڪمپوزنگ ڪون ٿي اچين. جيتوڻيڪ اُتي عام گفتگو يا رابطي جي زبان سنڌي به آهي پر عام نفسيات ۽ ڪلچر سنڌي پڙهڻ کي اختيار ڪرڻ وارو نه آهي. اسان کي مشاهدو ٿيو ته ڪي شاگرد-استادَ ۽ سندن تربيتڪارُ ڊجيٽل سنڌي ڪمپوزنگ جي مهارت رکن ٿا. اڪثر شاگردَ اڃان به معنويت جي اظهار لاءِ رڳو ڳالهائڻ ۽ لکيل مواد تي ڀاڙن ٿا. اميجز يا تصويرون رڳو مشغول رکڻ ۽ محظوظ ڪرڻ جي مقصد سان استعمال ڪيا وڃن ٿا.

هڪ ريسرچ شرڪتڪار جو رايو هو ته، مَلٽي مڊيل طريقه تدريس ۾ پاورپوائنٽ، صوتياتي چارٽ، آنلائن ڊڪشنرين، آڊيو ڪلپ، وڊيوز، تصويرون ۽ تحريري مواد تي ٻڌل آوازي مشقن وغيره جو استعمال شاگردن ۾ لفظي ذخيرو، لفظي بناوٽ ۽ لفظن جا اُچار درست ڪرڻ ۽ پڙهڻ ۾ رواني پيدا ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو. ٻئي پاسي ائين به آهي ته اميجز وغيره کي ان وقت استعمال ڪجي جڏهن شاگرد تحريري مواد استعمال ڪرڻ جي مزاج جو نه هجي.

گورنمينٽ ڪالج آف ايجوڪيشن (جِي سِي اِي) سکر ۾ هلندڙ بي ايڊ آنرز جي پهرين سيمسٽر ۾ سنڌي ڪنٽينٽ ۽ ٽين سيمسٽر ۾”سنڌي تدريسَ“ جا مضمونَ اختياري آهن، جن ۾ 80 کان مٿي شاگردَن کي 03 استاد پڙهائن پيا. هتي پهرين سيمسٽر ۾ سنڌي ڪنٽينٽ جو مضمون روايتي انداز سان گهڻي ڀاڱي ليڪچر واري طريقي سان پڙهائجي پيو. ٽين سيمسٽر ۾ ”سنڌي تدريسَ“ جي مضمون جي تعليمَ سرگرمين واري انداز سان ٿئي پئي. هڪ استاد پاران مختلف سرگرميون جهڙوڪ؛ گروپ ورڪ،

پيئر شيئر، ريڊنگ هينڊ آئوٽ، جِگسا، پريزينٽيشن وغيره ڪرايون پئي ويون. ملٽي گهڻ-رنگي تدريسي طريقي جو استعمال پڻ عملي طورهڪ حد تائين ٿيو پئي. ڊجيٽل اسمن جي مختلف صورتن جهڙوڪ؛ اميجز، آڊيو، وڊيو، پاورپوائنٽ پريزينٽيش، واٽس ايپ گروپ وغيره جو به استعمال ڪيو پئي ويو. شاگردَ سندن مشقن يا پيشڪشن ۾ رڳو لکڻ ۽ ڳالهائڻ کي ترجيحَ ڏين ٿا جو وٽن سنڌي ڪمپوزنگ جي مهارت ڪونه هئي ۽ ظاهر آهي ته ڊجيٽل منصوبا ڌاهڻ ۾ گهڻي محنت به گهربل هوندي آهي. انهن مان رڳو چئن شاگردن ۽ سندن هڪ استاد وٽ سنڌي ڪمپوزنگ جي مهارت آهي.

استادن جي راءِ ۾ ڪاليج جو مجموعي لِساني ڪلچر اڪثر سنڌي اختيار ڪرڻ ذانهن نفسياتي لاڙو رکندڙ آهي. اداري ۾ گهربل ڊجيٽل ذريعا موجود آهن. شاگردَ ڊجيٽل سنڌي تدريسَ جي استعمال ۾ دلچسپي رکن ٿا. انتظامي نگراني ۽ شخصي احساسِ زميواري هجي ته سنڌي تدريسَ جو نئون طريقو ڪاميابيءَ سان لاڳو ٿي سگهي ٿو.

سنڌي بولي اختياري سِکيا مرڪز سکر ۾ خانگي اسڪولن جي سنڌي پڙهائيندڙ استادن جي تربيت لاءِ هڪ مهيني جو سرٽيفيڪيٽ ڪورس ڪرايو پيو وڃي. هن تحقيق جي وقت اُتي هلندڙ بين بيچ ۾ 15 شاگرد ۽ هڪ تربيتڪار هو. تربيتڪار (خود محقق) سنڌيءَ ۾ پي ايچ ڊي پروفيسر آهي. سکر آءِ بي اي، آغا خان اِي آءِ ڊي ۽ بين ادارن ۾ سنڌيءَ جو گائيڊ ٽرينر (تربيتڪارن جو تربيتڪار) ۽ مينيوئل ڌاهڻ جو تجربو رکندڙ آهي. تربيتڪار پاران گهڻ-رنگي تدريسي طريقي تحت جوڙيل مادبول سان ڪلاس ۾ گهڻ رُخي تربيت ڪرائي پئي وئي. جنهن ۾ مختلف تربيتي ۽ تدريسي حڪمت عمليون ۽ طريقا استعمال ڪيا پئي ويا. مشاهدو آهي ته 15 شاگردن مان رڳو ٻن ۾ ڊجيٽل سنڌي ڪمپوزنگ جي مهارت هئي. سندن پيشڪشن ۾ روايتي انداز سان رڳو ڳالهائڻ ۽ لکڻ کي ترجيحَ ڏني پئي وئي.

ٽيبل 01: مجموعي عددي جائزو

| ادارو | ڪُل شاگردَ ۽ شاگرديائيون | سنڌي ڪمپوزنگ ۾مهارت | مقرر استادَ ۽ ڊجيٽل مهارت |
|---|---|---|---|
| آءِ بي اي سکر | 30 | 02 | 01 مان 01 |
| جي سِي اِي سکر | 91 | 04 | 01 مان 03 |
| ايس ايل اي سکر | 19 | 06 | 01 مان 01 |
| ڪُل تعداد | 140 | 12 مان 140 | 03 مان 05 |

جيئن مٿين ٽيبل مان ظاهر آهي، ته ڇاٽايل ٽنهي ادارن ۾ بي ايڊ آنرز پروگرام جي ڪُل140 شاگردن (اڪثريت شاگرديائيون) مان 12 شاگرد ۽ 05 استادن مان 03 استادَ سنڌي ڪمپوزنگ جي مهارت رکندڙ هئا.

مجموعي تجزياتي نتيجا ٻُڌائن ٿا ته مجموعي طور سنڌي بوليءَ جا اڪثر استاد روايتي استاد-مرڪزيت واري تدريس کي لکڻ ۽ ڳالهائڻ جي صورتن سان استعمال ڪري رهيا هئا، جنهن ۾ گهڻي ادبي مواد ۽ ٿوري وضاحتي گرامر توڙي بين لسانياتي پاسن جي معلومات منتقل ڪئي پئي وئي. اهڙي تدريسَ ذانهن شاگردن جي موٽَ عدم دلچسپيءَ واري ۽ نفسياتي طور غيراهم سمجهڻ واري رهي. اهو طريقو شاگردن جي سنڌي ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ جي صلاحيتن جي سُڌاري لاءِ گهڻو ڪارآمد نه هو. اهو پڻ سامهون آيو ته شاگرد-استادن مان گهڻا سنڌي صوتيات ۽ گرامر کان چڱيءَ ريت واقف نه هئا ۽ سندن تربيتڪار استادن جي گهٽائيءَ ۾ پڻ جديد ڊجيٽل تدريسي طريقن لاءِ گهُربل ٽُول استعمال ڪرڻ جي اهليت نه هئي. جڏهن ته مختلف نمونن سان ڊجيٽل انداز تدريسَ ذانهن شاگردن جو رويو خوشگوار حيرت ۽ دلچسپيءَ وارڙو هو. بئي پاسي سونپيل ڪمن جي ڊيٽا جي تنقيدي جائزي مان ظاهر ٿيو ته ”ملٽي مَڊيل طريقن“ جا نمونا سنڌي بوليءَ جي تدريسَ ۾ ڪاميابيءَ سان ضم ڪري سگهجن ٿا. هي اڀياس سنڌي بوليءَ جي تعليم ۾ ملٽي موڊل لسانياتي چاڙ کي اپنائڻ جي اهميت تي زور ڏئي ٿو.

## 5. بحث (Discussion)

ان سوالَ ته ڇا استادن جي تعليمَ ۽ تربيت ۾ سنڌي تدريسَ لاءِ مَلٽي مڊيل اپيروچ ڊيجيٽل ذريعن سان اختيار ڪري سگهجي ٿي؟ جي جواب ۾ چئي سگهجي ٿو ته ها هاڻ موجوده سنڌيءَ جو انٽرنيٽ جي بولين ۾ شمار آهي، ان ۾ ڊجيٽل طرح سان ايتري ترقي ٿي چڪي آهي جو سنڌي تدريسَ لاءِ مختلف ڊجيٽل طريقن جا نمونا سنڌي بوليءَ جي تدريسَ ۾ ڪاميابيءَ سان ضم ڪري سگهجن ٿا. ان جي شروعات استادن جي تعليم جي تربيتي ادارن کان ٿي چڪي آهي. مگر ڳڻوڳڻ گهٽيون آزمائشون به درپيش آهن.

ڊجيٽل سنڌي مواد جي دستيابي

سنڌيءَ ۾ ڊجيٽل ڪمپوزنگ ٿئي پئي ۽ هيٺين سطح لاءِ گهربل ڊجيٽل تدريسي مواد يا اِسمَ انٽرنيٽ تي به ميسر آهن. جهڙوڪ؛ آنلائن ڊڪشنريون، ٻولي سِکيا ايپ، ڊجيٽل صوتياتي چارٽ، اِي پوسٽرَ، اِي چارٽ، بروشرَ، اِي بُڪ، اِي اِسٽوري، تعليمي آڊيو، وڊيو وغيره. اهڙو مواد سنڌ حڪومت جي مختلف تعليمي ۽ تربيتي ادارن ۾ پروجيڪٽن جهڙوڪ؛ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، ٽي ٽي آءِ، ڊڪار، ايس آر پي، سنڌي ٻولي اٿارٽي، پرڳري انسٽيٽيوٽ وغيره جي ويب سائيٽن تي سنڌي تدريسَ ۾ سِکيا جو مواد موجود آهي. اهڙيءَ طرح ڪيترن ئي يُوٽيوب چينلن، فيس بڪ پيجن ۾ ٻين سوشل ميڊيا پليٽفارمن تي پڻ اهڙو مواد ميسر آهي.




سنڌي ٻولي تدريسَ لاءِ ميسر مواد جون لنڪ:

https://learn.sindhila.edu.pk/alphabets/ipl
https://learn.sindhila.edu.pk/alphabets/ipl
https://youtube.com/@meerins?si=XSPpTEVAfpk4v2tu
سنڌي ورچوئل لائبريري | Sindhi Language and Literature
Online Sindhi Learning - A Project of Sindhila
https://learn.sindhila.edu.pk/#course
https://dic.sindhila.edu.pk/
http://www.emis.gob.pk/PRP/PRP_RWMetrial.html#!/grades/2
https://sindhilanguagelibrary.com/books/info/90
https://www.youtube.com/watch?v=ABi15hJSLOM&pp=ygUUc2luZGhpIHBob25lbWUgc291bmQ%3D
https://www.youtube.com/@SindhiLanguageAuthority
https://www.youtube.com/@sindhiabaniboli8121

ان کانسواءِ ايم ايس ورڊ، گوگل ڊاڪس،گوگل ٽرانسليٽريشن، اي آءِ جي چَيٽ جي پِي ٽِي، ڊِيپ سِيڪ، گروُڪ وغيره تي سنڌي موجود آهي، جنهن ذريعي گهربل مواد تخليق ڪري سگهجي ٿو. مقالي جي پڇاڙيءَ ۾ ڪجھ مددگار لنڪ حوالي طور ڏنا ويا آهن.

**درپيش آزمائشون :**

مواد جي دستيابيءَ جي ڪري ئي استادن جي تربيتي ادارن کان سنڌيءَ ۾ گهڻ-رنگي تدريسي طريقي جي شروعات ٿي چڪي آهي. مگر گڏوگڏ هيٺيون آزمائشون به درپيش آهن.

روايتي تدريسي طريقيڪار جي مشقَ: روايتي تدريسي طريقيڪار هاڻ مدي خارج ٿي چڪو. ان جي مشق مرحليوار بند ٿيڻ گهرجي. ڊجيٽل ذريعن تائين عام رسائيءَ واري ماحول ۾نوجوان ان طريقي ۾ دلچسپي نه هئڻ سبب ڌيان ڪون ٿو ڏئي. سنڌي ٻوليءَ جي تدريس کي شاگرد-مرڪزيت واري ۽ جديد ڊجيٽل تدريسي طريقن سان ترتيب ڏيڻ جي ضرورت آهي، جو اهو طريقو دلچسپ ۽ تعميري طرح مشغول رکندڙ هئڻ ڪري گهڻو اثرائتو آهي.

گهربل قابليت ۽ مهارت جي کوٽ : ادارن ۾ مقرر غيرتربيت يافتا استادَن توڙي پڙهندڙ شاگردن ۾ ڊِجيٽل سنڌي مهارت جي کوٽ آهي. انهن ۾ خاص ڪري سنڌي ڪمپوزنگ جي مهارت پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي.

ڊجيٽل وسيلن ۽ موادَ جي ڪَميابي: استادن جي تعليمَ جي خاص ڪري سرڪاري ادارن ۾ڊجيٽل وسيلن جي کوٽ آهي. استادن ۽ شاگردن ۾ ڊجيٽل سنڌي مهارت جي کوٽ جي پورائي ۾ ڊيجٽل ضرورتن جي گهٽ دستيابي هڪ رڪاوٽ آهي. استاد ڇپيل لٽريسيءَ کي ترجيحَ ڏين ٿا جو کين سنڌيءَ ۾ ڪمپوزنگ ۽ ٽيڪنالاجي سامان جي استعمال لاءِ وڌيڪ محنت به ڪرڻي پوي ٿي. ان کانسواءِ تدريسَ لاءِ گهربل ڊجيٽل سنڌي مواد به گهڻو ۽ آسانيءَ سان ميسر ڪونهي. ان جي ڪَميابيءَ ۾ گهڻ-رنگي تدريسي طريقي جي عملي مشق محال آهي. تدريسَ لاءِ گهربل ڊجيٽل سنڌي مواد جي واڌاري جي سخت ضرورت آهي.

لِساني مُعتبرائپَ جو عنصر (Prestige Factor): سنڌ جي موجوده گهڻ ٻوليائي سماج ۾ هاڻ سنڌي نه پر انگريزي ۽ اردوءَ کي لِساني معتبرائپ حاصل آهي. سنڌيءَ لاءِ عام طور نفساتي قبوليت نه هئڻ ڪارڻ ادارن ۾ به استادن ۽ شاگردن جوان ڏانهن گهٽي قدر ڪمتريءَ وارو ۽ غير ترجيحي رويو آهي. سنڌي آڊيو وڊيويا اسڪرين مواد تدريسَ لاءِ استعمال ڪرڻ کي نفسياتي قبوليت به ڪونهي. اڪثر سنڌي شاگردن جي موبائلن ۾ سنڌي ڪِي بورڊ تائين انسٽال ٿيل ڪونهي.

مَلٽي مَيڊيل ڪورس گائيڊ جي ضرورت: سنڌيءَ ۾گهڻ-رنگي طريقه تدريسَ ظاهر آهي ته هڪ ڪورس گائيڊ تحت ٿيندي، جيڪو ميسر نه آهي.

## 6. سِفارشون (Recommendations)

مَلٽي مَيڊيل نموني جي سنڌي تدريسَ کي ترجيح ڏئي روايتي انداز کي مرحلي وارا گهٽايو وڃي. خاص ڪري گرامر ۽ صوتيات جي ميدانن ۾ ڊجيٽل مَلٽي مَيڊيل تدريسي طريقي جو استعمال نهايت ڪارگر ثابت ٿيندو.

استادن جي تعليم جي ادارن ۾ سنڌي پڙهائيندڙ استادن لاءِ ڊجيٽل سنڌيءَ جي مهارتن لاءِ تربيتي پروگرام ڪرايا وڃن. ضروري آهي ته کين ڊجيٽل اوزارَن جهڙوڪ؛ سمارٽ موبائل، ليپ ٽاپ، سي ڊي پليئر، ملٽي ميڊيا پروجيڪٽر، پرنٽر، اسڪينر وغيره. جو استعمال ڪرڻ اچي.

سنڌي تدريسَ لاءِ هڪ مَلٽي مَيڊيل ڪورس گائيڊ جي ضرورت جوپورائو ٿيڻ گهرجي. ان ڏِسَ ۾ بي ايڊ آنرس ۾''سنڌي تدريسَ'' جي عنوان سان موجود ڪورس گائيڊ کي نئين سِر ترتيب ڏيئي جديد ملٽي مديل هدايتن سان ڀرپور بڻايو وڃي.

ڊِجيٽَل سنڌي تدريسَ لاءِ گهُربل ضرورتن جي پورائي ۽ مواد جي واڌاري لاءِ لاڳاپيل ادارن کي ڪوششون وٺڻ گهرجن. سنڌيءَ ڏانهن نفسياتي قبوليت(Prestige Factor) جي بحالي لاءِ سماجي-سياسي حالتون ۽ اسڪول ڪلچر ذميوار آهن، تنهن ڪري ان ڏس ۾ سياسي-سماجي ڌرين، تعليمي ادارن ۽ تنظيمن کي تحرُڪ وٺڻ گهرجي.

## 7. حاصل مطلب (Conclusion)

هن اڀياس ۾ اسان استادن جي تعليمَ ۾ سنڌي تدريسَ لاءِ رائج روايتي طريقيڪار ۽ مَلٽي مَيڊيل پيداگاجي اختيار ڪرڻ جي حوالي کان اڳ ڄاڻايل ٽن استادن جي تربيتي ادارن جي اڀياسي نموني طور (ڪيس اِسٽڊي) جانچ ڪئي وئي، جنهن ۾ اهو

نتيجو سامهون آيو ته، اڪثريتي استادن توڙي شاگردن پاران روايتي تدريسي طريقي کي ترجيح ڏني وڃي ٿي، پر ساڳي وقت ڪجھ استادن پاران هڪ حد تائين ڊجيٽل سنڌي استعمال ڪندي محدُود مَلٽي مَڊيل تدريسي طريقو اختيار ڪيو پيو وڃي.

اهو به مشاهدي ۾ آيو ته استادن جي تربيتي ادارن جي ڪجهه پراجيڪٽن ۾ ان طريقي سان عملي مشق شروع ٿي چڪي آهي. پر ان طريقي کي ڪاميابيءَ سان مڪمل طور ضم يا اختيار ڪرڻ ۾ ڪجھ آزمائشون درپيش آهن. جهڙوڪ؛ روايتي تدريسي طريقيڪار جي مشق، شاگردن توڙي غير تربيت يافته استادَن ۾ ڊِجيٽل سنڌي مهارت جي کوٽ، ادارن ۾ ڊيجٽل ضرورتن جي گهٽ دستيابي، تدريسَ لاءِ گهربل ڊجيٽل سنڌي مواد جي واڌاري جي ضرورت، لِساني مُعتبرائپَ جو عنصر (Prestige Factor)۽ نفساتي قبوليت نه هئڻ ڪارڻ استادن ۽ شاگردن جو غير ترجيحي رويو، مَلٽي مَڊيل ڪورس گائيڊ جي ضرورت وغيره انهن آزمائشن جي حل لاءِ ڪجھ سفارشي قدم ڪڻجن ته ان ڏس ۾ گهڻو اڳتي وڌي سگهجي ٿو. هي اڀياس سنڌي ٻوليءَ جي تعليم ۾ ملٽي مڊيل لسانياتي چاڻ کي اپنائڻ جي اهميت تي زور ڏئي ٿو. هن ۾ استادن جي تعليم ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تدريس لاءِ ”ملٽي مڊالٽي“ طريقي کي شامل ڪرڻ جي تدريسي اثرن تي پڻ بحث ڪيو ويو آهي.

## 8. حوالا (References)


International Literacy Association. Hundley, M., & Holbrook, T. (2013). Set in stone or set in motion? Multimodal and digital writing with preservice English teachers. *Journal of Adolescent & Adult Literacy, 56*(6), 500–509.

Mary Kalantzis Kalantzis, M. (1997). Histories of pedagogy, cultures of schooling. In Bill Cope, B. Cope & M. Kalantzis (Eds.), *The power of literacy* (pp. xx–xx). Falmer Press.

Katie Davis Davis, K., Christodoulou, J., Seider, S., & Howard Gardner Gardner, H. (2011). The theory of multiple intelligences. In Robert J. Sternberg R. J. Sternberg & S. B. Kaufman (Eds.), *The Cambridge handbook of intelligence* (pp. 485–503). Cambridge University Press.

سنڌيءَ جي تدريسَ. ڪورس گائيڊ. 2016. هائير ايجوڪيشن ڪميشن پاڪستان.